جي ڪهاڻي

جي ايم سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ون يونٽ
# جي
# ڪهاڻي

جي. ايم. سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپيون : ٻہ هزار]     نومبر ١٩٦٩ع     [ ايڊيشن : پهريون]

قيمت: 15.00

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپائيندڙ:- يار محمد ابن حيات، پنهور،
سيڪريٽري، سنڌ متحده محاذ، مرڪزي آفيس،
الخليل بلڊنگ، قاضي عبدالقيوم روڊ،
حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ:- بيگم زينت چنا، "زينت پرنٽرس"، ڪوڪو محلو،
حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

# عرض ناشر

ون يونٽ جو مسئلو بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي رهاڪن لاءِ بيحد اهم مسئلو آهي. ان ڪري لازمي هو تہ هڪ اهڙي تصنيف پيش ڪئي وڃي، جنهن ۾ انهيءَ مسئلي متعلق، خاص طور سنڌي قوم لاءِ، صحيح رهبري موجود هجي. اهو تاريخي فرض، محترم جناب جي. ايم. سيد صاحب ٻي وڏيءَ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيڻ سگهيو ٿي؛ جنهن، شروع کان ئي ون يونٽ جي مخالفت جي پاداش ۾ سالها سال نظر بندين، جيلن ۽ ٻين ازين قسم ذهني ۽ روحاني اذيتن ۽ تڪليفن برداشت ڪندي، ون يونٽ جي مخالفت پنهنجو ايمان پئي چاتو آهي.

هن ڪتابچي ۾ ون يونٽ کي وجود ۾ آڻڻ واري ڏينهن کان وٺي اڄ تائين، جن سازشي ۽ بيجا طريقن تي عمل ڪندي، شامل صوبن (خاص طور سنڌ) کي اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي طور صريحاً نقصان ۾ وڌو ويو آهي، تنهن جي مختصر لفظن ۾ اپٽار ڪيل آهي. هر آهو محب وطن، جنهن جي دل ۾ پنهنجيءَ سر زمين سان گڏوگڏ ٻين مظلوم قومن جي حق خودارايت ۽ سندن جداگانہ علائقائي حيثيت بحال ڪرائڻ لاءِ صالح جذبو ۽ ايمان آهي، ان لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو بيحد اهميت وارو آهي.

ڪتاب جي ٻي خوبي هيءَ آهي تہ متحده محاذ جي ڪارڪنن ۽ عمدردن لاءِ هيءَ هڪ نصابي سياسي ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو. مثلاً، ون يونٽ جي خاتمي لاءِ ڪهڙا بنيادي شرط سامهون رکجن؟ ڪهڙيون سياسي تحريڪون انهيءَ معاملي ۾ تعاون ڪنديون ۽ ون يونٽ کي ڪهڙن ڪهڙن بيجا رستن سان هڪ نہ ٻيءَ صورت ۾ قائم رکڻ جون لاحاصل ڪوششون ڪيون پيون وڃن، وغيره، وغيره.

اميد آهي تہ هيءَ ڪتاب انهن سڀني ڳالهين کي سمجهڻ ۽ سنڌ جي قديمي جداگانہ علائقائي حيثيت کي بحال ڪرائڻ لاءِ، هڪ مشعل راه طور ڪم ايندو.

—— ابن حيات پنهور

١٢- نومبر ١٩٦٩ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


١. ائنٽي ون يونٽ ڪانفرنس صدارتي خطبو. ٥

٢. شيخ مجيب الرحمان کي ڏنل خطبهٔ استقباليه. ١٢

٣. سنڌ متحده محاذ جي تاريخ، مقاصد ۽ طريقهٔ ڪار تي سرسري نظر ٢٥

٤. ون يونٽ جو قيام مخالفن جا خدشا ۽ موافقن جا فائدي ۾ دليل ٤٤

٥. ڪوئيٽا ـ بلوچستان متحده محاذ صدارتي خطبو ٧٥


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) سنڌ کي مغربي پاڪستان (ون يونٽ) کان آزاد ڪرائي، اڳوڻا صوبا بحال ڪرائڻا آهن.
(۲) ملڪي سياست کي آئينده لاءِ حتي الامڪان اقتدار جي بکين، عزت جي طالبن ۽ حصول املاڪ جي خواهشمندن کان پاڪ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي.
(۳) آئينده لاءِ سياسي پارٽين جي واڳ، بي لوث قومي ڪارڪنن، قربانيءَ جي پتلن ۽ درد دل رکندڙ ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيڻي آهي.
(٤) اسان کي شخصي پارٽيبازي، گذشته اختلافن، اڳوڻين ڪيل غلطين جي انتقامي جذبي ۽ اڳوڻن ۽ نون سنڌين جي تفاوتن کان برتر ۽ بالا رهڻو آهي. هر اهو سنڌي جو اسان جي مٿي ذڪر ڪيل مقصدن لاءِ بنا ڪنهن شرط شروط جي ون يونٽ جي خلاف شامل ٿيڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي، اسان کي ان جي مدد حاصل ڪرڻي آهي.
(۵) هن وقت جن ماڻهن کي ڪن سببن ڪري شريڪ ڪري نه سگهيا آهيون ۽ ڪن ڪوتاهين ڪري ڪين دعوت نه موڪلي سگهيا آهيون، يا باوجود دعوت موڪلڻ جي هو مختلف وجوهات سببان هن مجلس ۾ شريڪ نه ٿيا آهن، تن کي هن قومي محاذ کان ٻاهر رکڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه آهي. غلطيون هرهڪ کان ٿين ٿيون، انهن کي درگذر ڪرڻ قومي مفاد ۽ مصلحت وقت جي اهم تقاضا آهي.
(٦) سنڌ جي آزاد ڪرڻ بعد، اسان جي محاذ جا مکيه ۽ بنيادي اصول: قوم پرستي، معاشي انصاف ۽ جمهوريت رکڻا آهن.
(۷) آخر اسان کي مستقبل ۾ ملڪ جي سياسي ليڊر شپ، عوام جي هٿن ۾ آڻڻي آهي؛ ليڪن ون يونٽ جي ڊاهڻ تائين اهڙا اختلافي مسئلا پيدا نه ڪرڻا آهن، جن جي ڪري اسان ۾ اختلاف پيدا ٿئي ۽ مقصد جي حصول ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ بڻجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن کي مڪمل آٽو نامي ڏيارڻ جو آواز اٿاريو آهي.

آخر ۾ آئون، اوهان سڀني صاحبن جو شڪريه ادا ڪريان ٿو، جو اوهان سنڌ جي هر گوشي کان ڪهي، هتي اچي، اسان جي همت افزائي ۽ مدد لاءِ گڏ ٿيا آهيو.

—غلام مرتضيٰ

---

# شيخ مجيب الرحمان، صدر پاڪستان عوامي ليگ

## کي ڏنل خطبهٔ استقباليه

[هيءَ خطبهٔ استقباليه، تاريخ ١٠- آگسٽ ١٩٦٩ع، انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل، ڪراچي، ۾ پڙهيو ويو.]

محترم مهمانو! شيخ مجيب الرحمان صاحب، صدر، پاڪستان عوامي ليگ ۽ ان جا معزز سائيو!

اسين سر زمين پاڪستان جي اُن حصي ۾ اوهان صاحبن کي دل جي خلوص ۽ گهراين مان خوش آمديد چئون ٿا، جنهن کي "سنڌ" جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. اچ ان جي باري ۾ وڏيءَ انڪساريءَ سان اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته هيءَ سر زمين ڪيترين خصوصيتن جي بناء تي ممتاز حيثيت جي مالڪ آهي. اسين هن علائقي جي تاريخ ۽ هتان جي باشندن جي انهن خوبين ڏانهن اوهان صاحبن جو ڌيان ڇڪائڻ مناسب سمجهون ٿا:

(١) سنڌ آها سرزمين آهي، جنهن جون "فرحت بخش هوائون"، اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، عرب ڏانهن گهلندي محسوس ڪيون هيون.

(٢) هن برصغير ۾ فقط سنڌ کي ئي "باب الإسلام" هئڻ جو شرف حاصل آهي.

(٣) دنيا جي هن حصي ۾، اسلامي تبليغ جي سلسلي ۾، سنڌ نمايان پارٽ ادا ڪيو آهي.

آءِ، اوله پاڪستان جي نئين صوبن ۾ اها ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته زياده کان زياده همخيال فردن، گروهن ۽ جماعتن تي مشتمل محاذ، وجود ۾ آندا وڃن.

جيڪڏهن پاڪستان جون سموريون همخيال سياسي جماعتون ڪنهن سمجهوتي تي آماده ٿي وڃن ته ان مان نئين صوبن ۾، اسان جي ڪم ۾ وڌيڪ آساني پيدا ٿيندي.

آءٌ وري هڪ دفعو اوهان سڀني صاحبن کي مرحبا چوان ٿو ۽ پنهنجي طرفان يقين ڏياريان ٿو ته اسين اوهان جي قيادت ۾ مڪمل اعتماد رکون ٿا ۽ اوهان جي ذات گراميءَ جي معرفت، پنهنجي اوير پاڪستان جي پائرن کي دل جي انتهائي گهراين ۾ محبت مان سلام پيش ڪريون ٿا.

—غلام مرتضيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج) ڪنهن به صورت ۾ زونل فيڊريشن قبول نه ڪرڻ.
(د) مٿين مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، اوير پاڪستان جي همخيال پارٽين سان ڏي- وٺ جي بنياد تي سمجهوتو ڪرڻ.
(ه) ڪا به اهڙي ڳالهه نه ڪرڻ، جنهن سببان اهل پنجاب (ون يونٽ جي طرفدارن) جي رضامندي، بنگال جي همدرد پارٽين جي ناراضگيءَ جو باعث بنجي.
(٩) مختلف ماڻهن، گروهن ۽ سياسي پارٽين جي نمائندن کي، تاليف قلوب ۽ عام راءِ پيدا ڪرڻ جي ذريعي شامل ڪرڻو آهي.
اهي مختصر اصول آهن، جيڪي متحده محاذ قائم ڪرڻ لاءِ بنيادي رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا.

## طريقهٔ ڪار

مون جڏهن هن محاذ ۾ ڪم ڪرڻ جو ذمو کنيو هو، تڏهن پنهنجي سنڌي پارٽن جي مڙني ڪمزورين جو پتو هوم، جهڙوڪ:
(١) شاگردن ۾ جدا جدا گروهن جي موجودگي،
(٢) قومي ڪارڪنن ۾ نظرياتي ۽ شخصي اختلافن هئڻ جو احساس ۽
(٣) مٿانهين طبقي جي مختلف گروهن جي متضاد مفاد ۽ ذاتي گروهيِ اختلافن جو وجود. مطلب، اهي سڀ ڳالهيون اهڙيون هيون جو مون جهڙي ضعيف البدن ۽ سياست عمليءَ کان ڪناره ڪش ماڻهوءَ کي في الحال ته چرڪائي پئي ڇڏيو ته مورڳو اهڙي جنجهٽ ۾ هٿ نه وجهجي. ڇاڪاڻ ته ساڳئي وقت پنهنجي دل جي سڪون ۽ پڙهڻ لکڻ جي مشغلي ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ ۽ مالي طور مسڪين هئڻ جي حالت ۾، انهيءَ ڪم ۾ هٿ وجهڻ ڪري اخراجات وڌي وڃڻ جي اهم مسئلي کي منهن ڏيڻو هو. ليڪن سنڌين جي صوفيانه طبيعت، يعني مهل سر اختلافن کي وساري، هڪ ٿي، مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ۽ ڪنهن جي ڪمزورين ۽ غلطين کي وڏيءَ فراخ دليءَ سان درگذر ڪرڻ جي اعليٰ خصلتن ۾ پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنيو ٿي انهيءَ آڌار تي هو تہ اسين سمورا گڏجي هن مهم کي منهن ڏينداسين. پر خدانخواستہ، جيڪڏهن هُو اهڙي قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿيا تہ پوءِ بہ مون کي يقين آهي تہ حب الوطنيءَ جو جذبو ۽ منهنجي محبت جي ڪشش، ڪين مونائي آٿي ساڳيءَ جاءِ تي کڻو ڪندي. بهرحال، ڪين اها حقيقت ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ اسان سڀني سنڌين جو اتحاد، مخالفت تي وڌيڪ اثرانداز ٿي سگهي ٿو ۽ اسان جا پاڻ ۾ معمولي اختلاف، خود اسان لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪندا.

آءٌ هن راءِ جو آهيان تہ ڪهڙي صاحب جي گروه کي محاذ ۾ آڻڻ سان، ون يونٽ جي خاتمي لاءِ وڌيڪ رستو هموار ٿيو آهي ۽ مقصد کي نقصان بجاءِ، فائدو ٿي پهتو آهي. ليڪن باوجود ان جي، جيڪي صاحب مختلف راءِ رکي، الڳ ٿي، قومي شيرازه کي ڪمزور ڪرڻ جي راهہ اختيار ڪندا، تن کي زور سان روڪڻ کپي. سگهوئي تاريخ ٿي اڳتي هلي فيصلو ڪندي تہ اسان مان ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط.

— غلام مرتضيٰ

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ون يونٽ جو قيام

## مخالفن جا خدشا ۽ موافقن جا فائدي ۾ دليل

سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا صوبا پنهنجي زرخيزيءَ ۽ سرحدي اهميت (۽ هينئر ڪاٿين) سببان گهڻي زماني کان ٻاهرين قومن جي حريص نگاهن جا شڪار ٿيندا رهيا آهن. تاريخ انهيءَ حقيقت جي گواهه آهي ته هتي مغلن، پٺاڻن، سکن، انگريزن ۽ ٻين ازين ٻسر قومن، طاقت ۽ اره زورائيءَ سان هن سرزمين تي چڙهايون ڪيون آهن. تازو جڏهين انگريزن جي حڪومت کان آزاديءَ جي حاصلات جا آثار نزديڪ نظر اچڻ لڳا، تڏهن اهو مسئلو سامهون آيو ته انهن صوبن کي نئينءَ طرح ڪهڙي حيثيت ملڻ گهرجي؟ انهيءَ سوال تي مختلف رايا ظاهر ٿيڻ لڳا. هندن جي هڪ وڏي گروه، سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي مخالفت شروع ڪئي ته ٻئي طرف، هندوستان جي مسلمانن جي وڏيءَ اڪثريت طرفان سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي صوبائي آٽونامي‌ءَ لاءِ همدرديءَ جو اظهار ٿيڻ لڳو. ليڪن عين انهيءَ وقت، هڪ اهڙو گروه به موجود هو، جنهن جي دماغ ۾ موجوده مغربي پاڪستان جي سڀني صوبن کي ملائي، هڪ ڪرڻ جو خيال ويٺل هو. علامه اقبال عليه رحمت جي آل انڊيا مسلم ليگ جي ١٩٣٠ع واري الهه آباد جي خطبي کي غور سان ڏسبو ته اها حقيقت صاف ڏسڻ ۾ ايندي.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، جيستائين قائد اعظم ۽ نوابزاده لياقت علي خان زنده هئا، تيستائين اهي خواهشون ۽ ارادا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥) ون يونٽ جي مخالفن کي جيلن ۾ وجهي، هر قسم جي طريقن سان هيسايو ويو.

(٦) ١٩٥٤ع ۾، آئين ساز اسيمبليءَ، آئين تيار ڪري ڇڏيو هو، صرف گورنر جنرل جي صحيح رهيل هئي ته اوچتو گورنر جنرل، غلام محمد خان طرفان، آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪيو ويو. انهيءَ تي آئين ساز اسيمبليءَ جي اسپيڪر، مولوي تميزالدين صاحب مرحوم، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي، جنهن، گورنر جنرل جي انهيءَ قدم کي ناجائز ٺهرايو. ليڪن گورنر جنرل طرفان، سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ٿي، ۽ سپريم ڪورٽ جي چيف جج، جسٽس محمد منير، هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي رد ڪري، گورنر جنرل جي قدم کي جائز ٺهرايو.

ان ڪان پوءِ، گورنر جنرل غير جمهوري طريقي سان، ساڳين ناسازگار حالتن هيٺ، نئين آئين ساز اسيمبلي چونڊائي، ان ۾ مختلف طريقن سان ١٩٥٦ع جو آئين پاس ڪرايو، جنهن جا مکيه شاخسار هيٺيان هئا:

(الف) ون يونٽ جو قيام.

(ب) اوير ۽ اولهه پاڪستان جي وچ ۾ آباديءَ جي اڪثريت ۽ اقليت جي باوجود مساوي نمائندگي ڏني، اوير پاڪستان جي جمهوري حق کي غضب ڪيو ويو.

(ج) اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جو هڪ اهڙو گروه آندو ويو، جو ڊيپوٽي ڪمشنرن جي نامزد ڪيل جرڳن طرفان چونڊبل هئڻ سببان، حڪومت جي ماتحت هو.

(د) ون يونٽ کي ڊاهڻ لاءِ مشرقي ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي ٺهراءَ ۽ آئين ساز اسيمبليءَ جي ٻه ڀاڱي ٽي حصي جي ووٽن جي ضرورت لازمي ٺهرائي وئي.

(هه) ان ڪان پوءِ، انهيءَ ناجائز ۽ غير جمهوري آئين جي حفاظت لاءِ هڪ طرف سختي اختيار ڪئي وئي ته ٻئي طرف،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشرو اشاعت جي سموريءَ سرڪاري مشنريءَ کي ڪتابن، پمفليٽن ۽ ٻين ازين قسم پروپگنڊائن جي طريقن سان صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان وقت ننڍن صوبن ۾ ڪي اهڙا سياستدان به هئا، جي شروع کان ئي ون يونٽ مان پيدا ٿيندڙ خدشن ۽ انديشن سببان برخلاف هئا. اهي خطرا هي هئا:

(۱) ون يونٽ جو قيام ويهين صديءَ جي انهن جمهوري قدرن جي خلاف هو، جن مطابق سموري طاقت عوام جي هٿ ۾ رهڻي هئي ۽ کين خودداراديءَ جو حق حاصل هو ۽ ڪنهن به ٻاهرينءَ طاقت کي انهن مليل حقن ۾ دست اندازي ڪرڻي نه هئي.

(۲) ون يونٽ جو قيام، ۱۹۴۰ع ۾ لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي پاس ٿيل ٺهراءَ، جنهن جي آڌار تي پاڪستان جي گهر ڪيل هئي، جي معنيٰ ۽ مقصد جي خلاف هو.

(۳) ون يونٽ جو قيام، مارچ ۱۹۴۳ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ جي پاڪستان بنسبت پاس ڪيل ٺهراءَ جي جذبي ۽ تقاضا جي پيڇڪڙي ڪندڙ هو.

(۴) ون يونٽ جو قيام، برٽش پارليامينٽ طرفان، ۱۹۴۷ع واري آزاديءَ جي ائڪٽ، جي مفهوم کان ئي انڪاري آهي، جنهن مطابق پاڪستان وجود ۾ آيو.

(۵) ون يونٽ جو قيام، اقوام متحده جي مقرر ڪيل بنيادي اصولن جي چارٽر جي پڻ خلاف هو، جنهن مطابق انهن ننڍين قوميتن جو حق خود ارادي تسليم ڪيل هو، جن جا وطن، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده هئا.

(۶) ون يونٽ جو قيام، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ لاءِ ڪيل سموريءَ جدوجهد جي خلاف هو، جنهن ۾ انڊيا جي سمورين مکيه مسلم جماعتن، جهڙوڪ مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽي ۽ جميعت العلماء هند، اهم حصو ورتو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣) ننڍن صوبن جي رهاڪن کي ون يونٽ جي قيام مان اهو بہ انديشو هو، تہ وڏي صوبي جا رهاڪو پنهنجي وڌندڙ آباديءَ کي، ننڍن صوبن ۾ ڪالونائيز ڪري، اصلي باشندن جي آبادي گهٽائي، کين سياسي ضرر رسائيندا.

(١٤) ون يونٽ جي قيام مان، ننڍن صوبن جي تعمير ۽ ترقيءَ کي نظرانداز ڪرڻ جو کين خطرو محسوس ٿي ٿيو.

(١٥) ون يونٽ جي قيام بعد، ننڍن صوبن جي عوام کي خطرو هو تہ صاحب اقتدار، ننڍن صوبن جي زميندارن، واپارين ۽ دولتمند طبقي کي لالچ ۽ دٻاءَ ذريعي، بي‌ايمان بنائي، سياسي اخلاق کي بگاڙيندو.

هڪ طرف اهي سمورا خطرا ان وقت ون يونٽ جي مخالفن طرفان پيش ڪيا ٿي ويا تہ ٻئي طرف، صاحب اقتدار گروه طرفان ون يونٽ جي فائدي ۾، هيٺين قسم جا دليل ڏنا ٿي ويا:

(١) مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ جي قيام سببان، شامل صوبن جي رهاڪن ۾ قومي يڪجهتي ۽ هم آهنگي پيدا ٿيندي ۽ صوبائي عصبيت ۽ انتشار پسند قوتون دٻجي وينديون.

(٢) پنجاب جهڙي زرخيز، ترقي يافتہ ۽ شاهوڪار صوبي سان ٻنهي پيل اراضين جو گڏجڻ، سندن ترقي، تعمير ۽ سٺي انتظام جو باعث ثابت ٿيندو.

(٣) هڪ اسيمبليءَ ۽ مرڪز تي گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري، باهمي تعلقات وڌندا ۽ قاعدي قانون ۽ ترقياتي رٿائن کي عملي جامي پهرائڻ سببان، ملڪ جلدي ترقي ڪندو.

(٤) اڳوڻن قديمي صوبن جي زمينن، واپار، نوڪرين، ڪارخانن، کاڻين ۽ قدرتي وسائل ۾ مڪاني باشندن کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي.

(٥) ون يونٽ جو قيام، پاڪستان جي سالميت ۽ اسلام جي سربلنديءَ لاءِ پيش خيمہ طور ڪم ڏيندو. سنڌ ۾ ون يونٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيل عهدنامي کي رد ڪري، ريپبلڪن پارٽيءَ واري عهدنامي کي قبولي، انهن جي مدد سان مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ڊاهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو.

انهيءَ سببان مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ کي جائز طور شڪايت جو سبب مليو، جي، جيڪڏهين هو ان ڳالهه تي سمجهوتو ڪري ريپبلڪن وزارت کي استعيفا ڏيڻ تي مجبور نه ڪن ها ته ريپبلڪن پارٽيءَ وارا ڪڏهين به اهڙي سمجهوتي ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿين ها. اها ساڻن سراسر بي وفائي ۽ دوکو هو. ليڪن باوجود ان جي هنن شرافت ڪري ٺهراءَ جي مخالفت نه ڪئي، بلڪ سنڌي ميمبر، خانبهادر کهڙي جي گروهه کي ٺهراءَ جي فائدي ۾ ووٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني. ان کان پوءِ پنجاب ۾ مسلم ليگ جي مخالف گروهه منظم ٿي، ميان ممتاز دولتانه ۽ مسلم ليگ پارٽيءَ خلاف پروپئگنڊا ڪري، حالتون انهيءَ ڪڙيءَ تي پهچايون جو مسلم ليگ ڪائونسل ڍاڪا ۾ گڏ ٿي، ون يونٽ ڊاهڻ جي خلاف ٺهراءَ پاس ڪري ڇڏيو، جو اڃا تائين رد نه ٿيو آهي.

هن وقت مسلم ليگ ڪائونسل جا سمجهدار ليڊر، ون يونٽ جي وجود کي پنجاب، ننڍن صوبن ۽ خود پاڪستان جي سلامتيءَ ۽ يڪجهتيءَ لاءِ نقصانڪار سمجهي، ان جي خلاف بيان ڏين ٿا. ليڪن اينڊز چونڊن ۾ جماعت اسلامي، ڪنوينشن مسلم ليگ ۽ پاڪستان جمهوري پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي مخالفت ۽ پروپئگنڊا جي دٻ کان، ۱۹۵۶ع جي آئين ۽ زونل فيڊريشن جي حمايت لاءِ بيان ڏيڻ تي مجبور ٿين ٿا، جنهن جي معني اها نڪري ٿي ته جيتوڻيڪ لفظي طرح هو ون يونٽ جي ڊاهڻ جو اصول قبول ڪن ٿا، ليڪن عملي طرح پنهنجن تڪن جي عام راءِ کي مدنظر رکي، اهڙو ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار نه ٿيندا، جنهنڪري پڻ جماعتن کان هو چونڊن ۾ شڪست کائين. ان ڪري ون يونٽ جي ڊاهڻ لاءِ عملي طرح انهيءَ جماعت ۾ اميد رکڻ بيڪار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خدمت ۾، هيءَ مشورو پيش ڪريان ته جن ٻاهرين اوهان جي صوبي ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي، يا اوهان جي وطن کي پنهنجو وطن بنايو آهي، انهن کي اوهان بلوچستان جي سوسائٽيءَ جو هڪ جزو تصور فرمايو. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪڏهن به نه الجهو ته هو ڪٿان آيا آهن. مطلب ته هو اهو شخص، جيڪو بلوچستان جي سرزمين تي آباد آهي، ان کي بلوچستاني سمجهيو وڃي ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ڪنهن به قسم جي فرق کي برداشت نه ڪيو وڃي. سڀني کي هڪجهڙا حق حاصل هجن ۽ سڀني سان ساڳيو سلوڪ اختيار ڪيو وڃي. پين لفظن ۾ اوهان جو "اپروچ" محبت تي هجي، نه نفرت تي. نفرت جو جذبو انسان جي بدترين ڪمزوري آهي، جنهن سان مڙني انساني قدرن ۽ اعليٰ مقصدن کي وڏو ڇيهو رسي ٿو.

آخر ۾ آءٌ، پيهر دعا لاءِ هٿ کڻندي، هنن لفظن سان پنهنجي عرضداشت ختم ڪريان ٿو ته الله تعاليٰ اوهان کي ڪاميابي عطا فرمائي، ته جيئن اوهان نه فقط پنهنجي صوبي لاءِ، پر سموري پاڪستان لاءِ طاقت ۽ فخر جو باعث ثابت ٿيو — آمين

غلام مرتضيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book